SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1978
# SINDH ORDINANCE NO. I OF 1978
# قيد ۽ قيدي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1978
# THE PRISONS AND PRISONERS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1978.

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. 1894 جي ايڪٽ IX ۽ 1900 جي ايڪٽ III ۾ تبديلي.

Amendment of Act IX of 1894 and Act III of 1900

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1978
# SINDH ORDINANCE NO. I OF 1978
# قيد ۽ قيدي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1978
# THE PRISONS AND PRISONERS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1978.

[26 جنوري 1978]

سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پرزنرس ايڪٽ، 1894 ۽ پرزنرس ايڪٽ، 1900 کي تبديل ڪرڻ لاءِ آرڊيننس.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اها تقاضا آهي ته پرزنرس ايڪٽ، 1894 ۽ پرزنرس ايڪٽ، 1900 کي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ بدلايو وڃي.

هاڻي ان ڪري 15 جولائي 1977 واري اعلان، جنهن کي قانون [لاڳو ڪرڻ ۾ تسلسل] واري حڪم مجريه 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، جي پوئواري ڪندي، سنڌ جو گورنر هن آرڊيننس کي جوڙڻ ۽ لاڳو ڪري ٿو.

مختصر عنوان اور شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي قيد ۽ قيدي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1978 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ سمجهيو ويندو ته 26 ڊسمبر 1973 کان لاڳو ٿيو آهي.

1894 جي ايڪٽ IX ۽ 1900 جي ايڪٽ III ۾ تبديلي.
Amendment of Act IX of 1894 and Act III of 1900

2. پرزنرس ايڪٽ 1894 ۽ پرزنرس ايڪٽ، 1900 ۾ ڪم آيل لفظ "ڊائريڪٽر" جتي به آيو آهي، ان کي "انسپيڪٽر جنرل" سان متبادل ڪيو ويندو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**